ذوالحجہ/محرم الحرام 1445ھ/جولائی 2024ء

# ماہنامہ فیضان مدینہ

دعوتِ اسلامی



ویب ایڈیشن



# والدين جا ڪم

ڊاڪٽر ظهور احمد دانش

والدين ۽ ٻارن جو هڪ عظيم تعلق آهي. هتي ٻارن جي حوالي سان والدين جون جيڪي بنيادي ذميداريون آهن اهي بيان ڪيون پيون وڃن ته جيئن والدين کي آگاهي ملي ۽ ذميدارين جو احساس به ٿئي.

## پرورش: Nurturing

والدين جي اهم ذميداري ٻارن کي جسماني ۽ جذباتي پرورش فراهم ڪرڻ آهي. ٻارن جون بنيادي ضرورتون جهڙوڪ خوراڪ، رهائش ۽ پيار کي پورو ڪرڻ وغيره به والدين جي بنيادي ذميدارين ۾ شامل آهن ته جيئن هو هڪ محفوظ ۽ معاون ماحول ۾ رهي ڪري پرورش حاصل ڪري جواني ماڻي سگهن.

## رهنُمائي: Guidance

والدين کي گهرجي ته پنهنجي ٻارن جي زندگي جي مشڪل مرحلن ۾ رهنمائي، مشورا ڏيڻ، حدون مقرر ڪرڻ ۽ اقتدار و اخلاق جي تعليم ڏيڻ ۾ به پنهنجا ڪردار ادا ڪندا رهن. هيءَ رهنمائي ٻارن کي غلط کان صحيح سڪڻ ۽ ذميدار بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

## انتظام، بندوبست: Discipline

والدين جي هڪ اهم ذميداري هي به آهي ته اهي ٻارن کي نظم و ضبط سيکارين. انهن کي ٻين سان چڱي طريقي سان پيش اچڻ ۽ معاشري ۾ زندگي وغيره جي اصولن کان آگاهه ڪن.

## تعليم: Education

والدين جي هي به ذميداري آهي ته اهي ٻارن کي تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪن. انهن جي فڪري نشوونما ۽ مستقبل جي تعين ۽ ترقي جي راهه تي هلڻ جي لاءِ ايجوڪيشن جي حصول جا وسيلا ۽ ذريعا ۽ ماحول فراهم ڪن. ٻارن جي اسڪولنگ، هوم ورڪ ۾ مدد ڪرڻ، استادن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۽ تعليمي شعبي جو

تعين ڪرڻ والدين جي ذميداري ۾ شامل آهي.

### جذباتي مدد: Emotional support

والدين ڪان وڌيڪ ٻارن جا جذبات ڪوبہ نہ ٿو سمجهي سگهي. جيئن تہ والدين ٻارن جي جذبات کي سمجهي ڪري انهن کي پنهنجي رت جي رشتن. مذهبي وابستگي ۽ معاشرتي تعلق جي باري ۾ ضرور آگاهي ڏين. ٻارن جي احساسات ۽ جذبات تي ڀرپور توجه رکو.

### حوصلہ افزائي: Emotional support

والدين جي ذميداري آهي تہ پنهنجي ٻارن کي پنهنجون دلچسپيون تلاش ڪرڻ، پنهنجا هدف حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ تي يقين ڪرڻ جي ترغيب ڏياريو. حوصلہ افزائي بہ ڪندا رهو جو هي ٻارن جي خود اعتمادي کي وڌائيندي آهي، انهن کي رڪاوٽن تي قابو پائڻ ۽ پنهنجي صلاحيتن تائين پهچڻ جي لاءِ بااختيار بڻائيندي آهي.

### مثال قائم ڪرڻ: Setting examples

والدين پنهنجي ٻارن جي لاءِ رول ماڊل جي طور تي ڪم ڪندا آهن، تنهنڪري انهن کي گهرجي تہ ٻارن کي زندگي جا حالات وغيره سيکارڻ جي لاءِ پنهنجي ڪردار جا مثال قائم ڪن.

هي ڳالهيون والدين ۽ ٻارن جي تعلق سان بنيادي آهن جن جو ڄاڻڻ اسان جي لاءِ اسان جي نسلن جي لاءِ نهايت ئي فائديمند ٿي سگهي ٿو. والدين کي گهرجي تہ پنهنجي ذميداري کي سمجهي ڪري پنهنجي اولاد جي تربيت ڪن.

# مديني شريف جون مبارڪ مسجدون (قسط:02)



مولانا محمد آصف اقبال عطاري مدني

مسجدون اسلام جو شعار آهن، اسلامي قلعا آهن، ديني مرڪز آهن ۽ اسلام جي ترويج ۽ اشاعت جا بنيادي ادارا آهن، مديني شريف ۾ مسجدِ نبوي شريف کان علاوه بہ ڪجھ مسجدون خاص اهميت رکن ٿيون جن جي پنهنجي الڳ سان پهچان آهي، انهن سان ڪيئي حسين ۽ ايمان اَفروز يادون وابستہ آهن. ڪجھ متبرڪ ۽ يادگار مسجدن جو ذڪر خير هتي ڪيو وڃي ٿو:

## (1) مسجد نبوي شريف

اها مسجد جنهن جي تعمير ۾ امام الانبياء حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بذات خود حصو ورتو، ان ۾ هڪ نماز جو ثواب 50 هزار نمازن جي برابر آهي، (ابن ماجہ،176/2،حديث:1413) اُن ۾ 40 نمازون پڙهڻ واري جي لاءِ دوزخ ۽ منافقت کان آزادي جي بشارت آهي، (مسند احمد، 311/4،حديث:12584) اُن ۾ هڪ جمعو مسجد حرام کان علاوه ٻين مسجدن ۾ هڪ هزار جمعا ادا ڪرڻ کان ۽ ان ۾ هڪ رمضان گذارڻ ٻين مسجدن ۾ هڪ هزار رمضان گذارڻ کان افضل آهي. (شعب الايمان، 486/3، حديث: 4147) ۽ هتي دعائون قبول ٿينديون آهن خاص ڪري مواجہِ شريف حضور سيّدالشافعين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾، امام ابن الجزري فرمائن ٿا: دعا هتي قبول نہ ٿيندي تہ ڪٿي قبول ٿيندي! (الحصن الحصين،اماڪن الاجابة، ص31) ايئن ئي منبر اطهر ۽ مسجد اقدس جي ستونن وٽ. (فضائل دعا،ص133تا135)

## (2) مسجد قُبا:

هي متبرڪ شهر مدينہ طيبہ کان ٽي ڪلو ميٽر ڏکڻ مغرب جي طرف قبا نالي ڳوٺ ۾ واقع آهي، الله پاڪ قرآن شريف جي سورة التوبہ، آيت نمبر 108 ۾ هن جي شان و عظمت کي بيان فرمايو، هن جي بنياد حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رکي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر هفتي ڪڏهن پيادل تہ ڪڏهن سُواري تي مسجد قُبا تشريف کڻي ويندا هئا. (بخاری، 402/1، حديث:1193) هن ۾ نماز پڙهڻ واري کي عمري جو ثواب ملندو آهي. (ترمذی،348/1، حديث:324) اَميرالمؤمنين حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: جيڪڏهن هي مسجد تمام پري واري علائقي ۾ هجي ها تہ

تڏهن ته اسان اُنن جا جگر فنا ڪري ڇڏيون ها (يعني ان جي زيارت جي لاءِ اسان ضرور سفر ڪريون ها) (ڪنزالعمال ج 7 ص 62 حديث 38174)

## (3) مسجدِ فتح:

مديني شريف جي اتر اولهه طرف سَلَع جبل جي دامن ۾ پنج مسجدون واقع آهن جن ۾ هڪ مسجد ”الفتح“ آهي. غزوهءِ احزاب (غزوه خندق) جي موقعي تي رسول پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ”الفتح“ واري جاءِ تي، سومر، اڱارو، اربع، ٽي ڏينهن مسلمانن جي فتح ۽ نصرت جي لاءِ دعا فرمائي ته ٽئين ڏينهن ظهر ۽ عصر نماز جي وچ ۾ فتح جي بشارت ملي. حضرت جابر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن مون کي ڪا مشڪل پيش ايندي آهي ته ”مسجد فتح“ ۾ وڃي دعا گهرندو آهيان ته اها مشڪل حل ٿي ويندي آهي.

(مسنداحمد،5/87،حديث:14569)

## (4) مسجدِ غَمام:

مديني شريف جي اوچي گنبذن واري هڪ خوبصورت مسجد، رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سن 2 هجري ۾ ان مقام تي کلي ميدان ۾ عيد الفطر ۽ عيد الاضحٰي جون نمازون ادا فرمايون. اُتي ئي رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم برسات جي لاءِ دعا فرمائي ۽ دعا ڪندي ئي ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ برسات وسڻ شروع ٿي وئي. حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هتي مسجد تعمير ڪرائي جنهن جو نالو غمامہ رکيو ويو ڇوته ڪڪرَ کي عربي زبان ۾ غَمامہ چوندا آهن.

(عاشقان رسول کی 130 حکایات، ص299)

## (5) مسجدِ اِجابہ:

هي مسجد جنّت البقيع جي اُتر اوڀر طرف واقع آهي. هن هنڌ هڪ ڀيرو اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻه رڪعتون نماز ادا فرمايون ۽ ٽي دعائون ڪيون هيون، انهن مان ٻه قبول ٿيون ۽ هڪ کان روڪيو ويو. اهي ٽي دعائون هي هيون: (1) يا الله پاڪ! منهنجي اُمت ڏڪار جي ڪري نه مري (2) ياالله پاڪ! منهنجي اُمت پاڻيءَ ۾ ٻڏي نه مري (3) ياالله پاڪ منهنجي اُمت پاڻ ۾ نه وڙهي.

(مسلم،ص1183،حديث:7260)

## (6) مسجد سجده:

هي اُن مقام تي واقع آهي جتي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام ڊگهو سجدو ڪيو، هتي حضرت جبرائيل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام هي بشارت آندي ته: ”ڇا اوهان کي اها ڳالهه خوش نه ٿي ڪري ته الله پاڪ فرمائي ٿو ته جيڪو توهان تي درود پاڪ پڙهندو ته مان ان تي رحمت نازل فرمائيندس ۽ جيڪو توهان تي سلام موڪليندو ته مان ان تي سلامتي نازل فرمائيندس.“

(مسند احمد ج 1 ص 406 حديث 1662)

## (7) مسجدِ مستَراح:

أحد جي طرف ويندي مين روڊ تي واقع آهي، غزوهءِ احد کان واپسي تي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هتي ٿوري دير استراحت يعني آرام فرمايو هو، ان جي لاءِ ان کي مستراح چيو ويندو آهي. اسلام جي شروعات ۾ هي مسجد بني حارثہ چورائيندي هئي ڇوتہ اُتي قبيلو بني حارثہ اوسي آباد هو. حضرت حارث بن سعد عبيد حارثي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: رسول پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان جي مسجد ۾ نماز ادا فرمائي هئي.
(وفاء الوفاء،400/2)

## (8) مسجد جمعہ:

هجرت جي موقعي تي جڏهن حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قبا شريف کان فارغ ٿي ڪري مديني شريف روانا ٿيا، ڏينهن خوب بلند ٿي چڪو هو، انهيءَ دوران قبيلي بني سالم بن عوف ۾ جمعي جي نماز جو وقت اچي ويو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم سان ڀهرين جمعي جي نماز ادا فرمائي، جتي نماز ادا ڪئي وئي أتي باقاعده مسجد ٺهرائي وئي ۽ ان جو نالو مسجد جمعہ رکيو ويو. (زرقانی علی الموطأ، 336/1)

## (9) مسجد ذُوالْحُلَيفَہ:

هي مسجد اُن مقام تي واقع آهي جنهن کي اَڄڪلهہ اَبيَار علي چوندا آهن، هي مديني وارن جو ميقات آهي، ان مسجد جو پراڻو نالو مسجد شجره آهي. رسول پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن مڪي شريف تشريف کڻي ويندا هئا تہ مسجد شجره ۾ نماز ادا فرمائيندا هئا ۽ جڏهن واپس تشريف کڻي ايندا هئا تہ ذوالحُليفہ ۾ نماز ادا فرمائيندا هئا ۽ صبح تائين اُتي ئي ترسيل هوندا هئا.
(بخاری، 516/1، حديث:1533)

مسلم شريف جي روايت ۾ هيئن آهي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ذُوالحُلَيفہ ۾ رات ترسيا ۽ ان جي مسجد ۾ نماز پڙهي.
(مسلم، ص607،حديث:1188) ۽ هڪ روايت جي مطابق حجةُ الوَداع جي لاءِ تشريف کڻندي وقت هتي مسجد ۾ ٻہ رڪعتون پڙهيون.
(مغازی للواقدی، 1089/3، 1090)

## (10) مسجدِ قِبلَتَين:

هي مسجد وادي عقيق جي ميدان "**العرصہ**" جي ويجهو واقع آهي، حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو کوهہ بير رومہ ان مسجد جي ساڄي طرف آهي. ڀهريان هي مسجد بنو سليم جي نالي سان مشهور هئي، هجرت جي سترهين مهيني 15 رجب المرجب، هفتي جي ڏينهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هتي اچا نماز ظهر جون ٻہ رڪعتون ئي ادا فرمايون هيون تہ قبلي جي تبديلي جو حڪم اچي ويو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ باقي ٻہ رڪعتون ڪعبي شريف جي طرف منهن ڪري ادا فرمايون. انهيءَ ڪري ان جو نالو مسجدِ قِبلَتَين يعني ٻہ قِبلن واري مسجد ٿيو. (سبل الهدى والرشاد،370/3)



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

## (1) ڇوڪريءَ کي قرآنِ ڪريم جي سايي ۾ رخصت ڪرڻ ڪيئن...؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته شادين جي موقعي تي ڇوڪريءَ جي رخصتي وقت هيءَ صورت ڏسڻ ۾ ايندي آهي ته ڇوڪريءَ جي مٿي تي قرآن پاڪ ڪٽي ان کي قرآن جي ڇانوَ ۾ رخصت ڪيو ويندو آهي، هي عمل شريعت جي لحاظ سان صحيح آهي يا نه؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

قرآن پاڪ بي شمار فائدن ۽ برڪتن کي پنهنجي دامن ۾ سمائي رکيو آهي. جيئن ان جو پڙهڻ، ياد ڪرڻ، ٻڌڻ، ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان ۾ غور وفڪر ڪرڻ خير ۽ برڪت حاصل ڪرڻ جو سبب آهي، ايئن ئي قرآن پاڪ جو ورقن تي مشتمل نسخو به رحمت ۽ برڪت جو ذريعو آهي. تنهنڪري ان مان برڪت حاصل ڪرڻ جائز ۽ مستحب عمل آهي. رخصتي وقت ڪنوار جي مٿي تي قرآن پاڪ رکي رخصت ڪرڻ سان به اهوئي مقصد هوندو آهي ته ان عمل سان قرآن پاڪ جي برڪت حاصل ٿئي. تنهنڪري مذڪوره نيت سان هي عمل جائز ۽ باعثِ ثواب ٿيندو، پر ان سان گڏ ڪجهه ڳالهين کي ذهن ۾ رکڻ تمام ضروري آهي.

(1) مذڪوره صورت ۾ باوضو شخص قرآن پاڪ کي پڪڙي يا وري بي وضو هجڻ جي صورت ۾ ڪنهن الڳ ڪپڙي يا غلاف ۾ پڪڙي، ڇو ته بي وضو شخص جو قرآن پاڪ کي ڇُهڻ جائز ناهي.

(2) ڇوته مذڪوره عمل جي ذريعي قرآن پاڪ مان برڪت حاصل ڪرڻ مقصود آهي، تنهنڪري ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته گانا باجا يا آتش بازي وغيره ممنوع عملن جي ڪا به صورت نه هجي، ڇوته هڪ ته هي قرآن مجيد جي بي ادبي آهي ۽ ٻيو هي ڳالهه هرگز درست ناهي ته هڪ طرف قرآن ڪريم مان برڪت حاصل ڪئي وڃي ۽ ٻي طرف قرآن ڪريم جي حڪمن جي نافرماني ڪئي وڃي. ائين ته قرآن ڪريم موجود نه هجي، تڏهن به انهن گناهن کان بچڻ ضروري آهي، پر قرآن جي موجودگي ۾

ان جي عظمت ۽ اهميت کي ڏسندي خاص طور تي انهن کان بچڻ ضروري ٿيندو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (2) جمعي تي عورتون پهرين اَذان جو جواب ڏين يا ٻي؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ جمعي تي جيڪا پهرين اَذان ٿيندي آهي تہ عورتون پهرين واري اَذان جو جواب ڏينديون يا ٻيءَ جو يا ٻنهي جو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَ الصَّوَابِ

عورتن جي لاءِ جمعي جي پهرين ۽ ٻي اَذان ٻنهي جو جواب ڏيڻ مستحب آهي.

ان جي تفصيل هي آهي تہ پهرين اَذان جي جواب جو حڪم ٻين اذانن جيان آهي جو اُنهن ۾ باهم ڪو فرق ناهي، رهيو ٻي اَذان جو جواب تہ اهو صرف مقتدين کي منع ٿيل آهي ان کان علاوه ڪنهن کي ناهي ايتري قدر جو خطيب پاڻ بہ ان جو جواب ڏئي سگهي ٿو. ۽ عورتون ڇوتہ جمعي جي لاءِ ناهن اينديون بلڪ گهرن ۾ هونديون آهن تہ انهن جي لاءِ اُن اَذان جي جواب جي ممانعت ناهي، بلڪ اهي ان جو جواب ڏئي سگهن ٿيون. ٻي اَذان جي جواب ڏيڻ جي ڪراهت مقتدين سان خاص آهي ۽ جيڪو مقتدي ناهي اهو جواب ڏئي سگهي ٿو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

اچو ٻارو حديثِ رسول پڙهون ٿا



# مصافحو (هٿ ملائڻ)

مولانا محمد جاويد عطاري مدني

اسان جي پياري ۽ آخري نبي حضرت محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: تَصَافَحُوا يعني پاڻ ۾ مصافحو ڪريو.[1]

سلام ۽ ملاقات جي وقت ٻنهي هٿن جي ملائڻ کي مصافحو چوندا آهن.

اسان جي پياري ۽ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعليمات ۽ سيرت مان اسان کي پاڻ ۾ پيار ۽ محبت سان زندگي گذارڻ جو درس ملندو آهي، پاڻ ۾ پيار ۽ محبت جو ماحول قائم ڪرڻ جو هڪ ذريعي مصافحو به آهي.

مصافحو ڪرڻ سان رب جي رحمت نازل ٿيندي آهي.[2] بغض ۽ ڪينو ختم ٿيندو آهي.[3] گناهن جي مغفرت ٿيندي آهي.[4] صحابهٔ ڪرام ملاقات جي وقت مصافحو ڪندا هئا.[5] ۽ سيني کان پهريان يَمن مان آيل صحابهٔ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان مصافحو ڪيو ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن انهن جي تعريف فرمائي.[6]

پيارا ٻارو! توهان به هن تي عمل ڪيو ۽ ملاقات جي وقت واتان ”السلام عليكم ورحمة الله وبركاته“ چوڻ سان گڏوگڏ مصافحو به ڪيو، ڪجهه ٻار صرف هڪ هٿ ملائيندا آهن يا صرف آڱريون ئي ملائيندا آهن، سنّت هي آهي ته ٻنهي هٿن سان مصافحو ڪندي ٻئي ترِيون پاڻ ۾ ملي وڃن ۽ هٿن ۾ ڪا شيءِ ڪپڙو (قلم، ڪاغذ، چابي) وغيره نه هجي.[7]

الله پاڪ اسان کي مصافحي جي سنّت سان گڏوگڏ ٻين سنتُن تي به عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِیْن بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

(1) مؤطا امام مالک، 407/2، حديث: 1731
(2) ديکهئي : معجم اوسط، 379/5، حديث:7672
(3) موطا امام مالک، 407/2، حديث: 1731
(4) ديکهئي: مشكاة المصابيح، 169/2، حديث:4679
(5) ديکهئي:مرأة المناجيح، 355/6
(6) ديکهئي: ابو داؤد، 453/4، حديث:5213
(7) ديکهئي: رد المحتار، 629/9

# مديني جي حرم جا حقوق

كليم الله چشتي عطاري
(درجهٔ سادسہ جامعة المدينہ فيضانِ فاروق اعظم لاهور ڪراچي)

جيئن مدينهٔ منوره جو مقام ۽ مرتبو تمام گهڻو بلند ۽ اعلىٰ آهي، تيئن حرمِ مدينہ جا بہ تمام گهڻا فضائل آهن حرمِ مدينہ بہ شهرِ مدينہ جي اندر ئي آهي. هيءَ اها جڳهہ آهي جنهن کي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حرمت ۽ عزت واري جڳهہ قرار ڏنو آهي. بخاري شريف ۾ آهي: مدينهٔ منوره عير جبل کان ثور جبل تائين حرم آهي. (بخاري، 4/323، حديث: 6755) ان جي حقن جي پاسداري ۽ نگهباني لاءِ تمام گهڻو محتاط رهڻو پوندو، نہ تہ ننڍڙي غفلت جي سبب تمام وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو. اچو حرمِ مدينہ جي حقن مان ڪجهہ جو مطالعو ڪريو:

**(1). وڻن کي ڪٽڻ جي ممانعت:** حرمِ مدينہ جي حقن مان هڪ هي آهي تہ ان حدن ۾ موجود وڻن وغيره کي نہ ڪٽيو وڃي، ڇوتہ هي بہ حرم آهي. جيئن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "مدينو هتان کان هيستائين تائين حرم آهي تنهنڪري ان جا وڻ نہ ڪٽيا وڃن".

**(2). صبر ڪرڻ:** مدينو پاڪ جيڪو برڪتن ۽ رحمتن وارو مقدس شهر آهي، ان



۾ انسان قلبي سڪون ۽ اطمينان محسوس ڪري ٿو. اتي جيڪڏهن ڪا آزمائش ۽ پريشاني نيڪين ۾ واڌاري لاءِ اچي وڃي ته ان تي صبر ڪرڻ وارن لاءِ تمام وڏي بشارت آهي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "جيڪو به منهنجو اُمتي مديني جي تڪليف ۽ سختي تي صبر ڪندو، مان قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس." (مسلم، ص548، حديث: 3339)

شہِ کونین نے جب صدقہ بانٹا

زمانے بھر کو دم میں کر دیا خوش

**(2) عيب جوئي نه ڪرڻ:** مديني منوره جي هر شيءِ نفيس، عمده ۽ اعليٰ آهي. ان ۾ ڪنهن عيب ۽ نقص جو شڪ به ناهي، جيڪڏهن بالفرض طبعي طور تي ڪا شيءِ پسند نه اچي ته ان ۾ عيب جوئي ڪرڻ جي بدران پنهنجين اکين جي ڏوڪي ۽ عقل جي ڪمي سمجهي، نه ته ان جي تمام سخت سزا آهي. حضرت امام مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مديني پاڪ جي مبارڪ مٽي کي خراب چوڻ وارن لاءِ 30 ڪوڙا هڻڻ ۽ قيد ۾ وجهڻ جو فتويٰ ڏنو.

(الشفاء، 57/2)

جس خاک پہ رکھتے تھے قدم سیدِ عالم

اُس خاک پہ قرباں دلِ شیدا ہے ہمارا

**(3) تڪليف نه پهچائڻ:** حرمِ مدينه جي حقن مان هڪ هي به آهي ته اتان جي رهواسين سان پيار ۽ محبت ۽ حسنِ اخلاق سان پيش اچڻ گهرجي. انهن کي تڪليف پهچائڻ ته پري جي ڳالهه آهي، صرف تڪليف پهچائڻ جو ارادو ڪرڻ واري لاءِ حضور عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: "الله تعاليٰ ان کي اهڙيءَ طرح ڳاري ڇڏيندو جهڙيءَ طرح لوڻ پاڻيءَ ۾ ڳري ويندو آهي."

(مسلم، ص551، حديث: 3359)

**(4) يثرب چوڻ جي ممانعت:** مدينه منوره کي يثرب چوڻ جائز ناهي، ڇو ته هي لفظ ان مقدس شهر جي شان جي لائق ناهي. جيئن حضور عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: "جنهن مديني کي يثرب چيو، ان کي گهرجي ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ استغفار ڪري، ڇوته مدينه طابه آهي، طابه آهي." (مسند احمد،483/30، حديث: 18519- بخاری،616/1، حديث: 1867)

ان ڪان علاوه به حرمِ مدينه جا تمام گهڻا حق ۽ آداب آهن، جهڙوڪ اتي فضوليات ۽ لغويات ڪان بچڻ، آواز کي هلڪو رکڻ، هميشه زبان کي درود پاڪ سان تر رکڻ، اتي گهڻو عرصو قيام نه ڪرڻ وغيره. اهڙيءَ طرح جڏهن حرمِ مدينه اچي ته تي سگهي ته پيادل، روئيندي، مٿو جهڪائي، نظرون هيٺ ڪري هلي.

حرم کی زمیں اور قدم رکھ کے چلنا

ارے سر کا موقع ہے او جانے والے

الله پاڪ اسان سيني کي بار بار مديني جي حاضري جي سعادت عطا فرمائي ۽ حرمِ مدينه جي تقدس ۽ حقن جي پاسداري ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# گھر مان جنّ ڀڄائڻ جو روحاني علاج

جيڪڏهن ڪنهن گھر ۾ جِنُّ رهندو هجي ۽ پريشان ڪندو هجي تہ سورتِ فاتحہ ۽ آيةُ الڪرسي ۽ سورتِ جِنّ جون شروعاتي پنج آيتون پڙهي ڪري پاڻي تي دم ڪري گھر جي چئني پاسي ڇنڊا هڻو، جنُّ گھر مان ٻاهر نڪري ويندو ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه ٻيهر نہ ايندو.

(جنتي زيور، ص 587)

## جنّات جي شرارتن کان حفاظت

جيڪڏهن ڪنهن سان جنّات شرارتون ڪندا هجن، جنّات توهان کي تنگ ڪندا هجن، سامان ڪٽي ويندا هجن، گُم ڪري ڇڏيندا هجن، ڪپڙا ڦاڙي پوندا هجن، سامان جو نقصان ٿيندو هجي، جسم ڳرو ٿيندو هجي، سيني ۾ سوڙهہ يا ڪُلهن تي وزن محسوس ٿيندو هجي، ننڊ نہ ايندي هجي، ڊيڄاريندڙ خواب نظر ايندا هجن يا خواب ۾ نانگ وڇون، ساندبيون نظر اچن يا بُرا خواب يا گھر ۾ رَت جا ڇنڊا نظر ايندا هجن تہ توهان سورتِ بقرة جي تلاوت ڪريو ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪريو جنهن گھر ۾ هن جي تلاوت ڪئي ويجي اتان شرير جنّات ڀڄي ويندا آهن ۽ هن طرح جون علامتون ختم ٿي ويندیون.

## هڪ جمعي کان ٻئي جمعي تائين حفاظت

جيڪو شخص جمعي کان بعد سورتِ فاتحہ، سورتِ اخلاص ۽ سورتِ فلق ۽ ناس ست ست ڀيرا پڙهي وٺي تہ ايندڙ جمعي تائين ان جي حفاظت ڪئي ويندي.

حضرت سيدنا وڪيع رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اسان هن جو تجربو ڪيو ۽ ائين ئي ڏٺو.

(شعب الايمان،518/2،حديث:2577-فضائل القرآن لابن الضريس، 123/1،رقم:290)

## سوڄ جو روحاني علاج

جيڪڏهن جسم تي ڪٿي سوڄ تي وئي هجي تہ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 67 ڀيرا لکي (يا لکرائي) ڪري پاڻ وٽ رکو يا تعويذ ناهي ڪري پائي وٺو، اِنْ شَآءَاللّٰه سوڄ ختم ٿي ويندي.

(بيمار عابد،ص37)



# حضرت ابراهيم کي ياد ڪيو

(ٻي ۽ آخري قسط)

### تبليغ حق ۾ آزمائشن جو مقابلو:

توحيد جي دعوت ۽ شرڪ جي ردّ جو عملي مظاهرو ڪندي جڏهن پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام بتن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ قوم کي بتن جي بي وسي ڏيکارڻ جي لاءِ فرمايو ته انهن بتن کان پڇو ته ساڻس اهو سلوڪ ڪنهن ڪيو ته قوم سڌرڻ جي بدران ڪين باهه ۾ ساڙڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن جي مقابلي ۾ پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام ثابت قدم رهيا ۽ خداوند ڪريم سندن حفاظت فرمائي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

﴿ قَالُوْا حَرِّقُوْهُ وَ انْصُرُوْۤا اٰلِهَتَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِیْنَ(۶۸) قُلْنَا یٰنَارُ كُوْنِیْ بَرْدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰۤى اِبْرٰهِیْمَ(۶۹)﴾

ترجموڪنزالعرفان: چوڻ لڳا: هن کي ساڙيو ۽ پنهنجي خدائن جي مدد ڪريو جيڪڏهن توهان ڪجهه ڪرڻ وارا آهيو. اسان فرمايو: اي باهه ابراهيم تي ٿڌي ۽ سلامتي واري ٿي وڃ.

(پ 17، الانبيآء:68، 69)

پوءِ راهِ خدا ۾ هجرت به ڪئي ۽ پنهنجي وطن، علائقي ۽ ماڻهن کي خدا جي لاءِ ڇڏي ڏنو. قرآنِ شريف ۾ آهي ته پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام فرمايو: ﴿وَ قَالَ اِنِّیْ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّیْ سَیَهْدِیْنِ(۹۹)﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ابراهيم چيو: بيشڪ مان پنهنجي ربّ جي طرف وڃڻ وارو آهيان، هاڻي اهو مون کي راهه ڏيکاريندو.

(پ 23، الصّٰفّٰت:99)

### محبتِ الٰهي:

حضرت سيّدنا ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام جي سيرت طيّبه ۾ محبتِ الٰهي جو عنصر تمام گهڻو غالب نظر ايندو آهي جو محبت جي ثبوت جي سيني کان وڏي دليل محبوب جي خاطر هر شيءِ کي قربان ڪري ڇڏڻ آهي ۽ حضرت سيّدنا ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام سندن علمي ثبوت ڏنو. **پاڻ پنهنجي جان قربان ڪرڻ جي لاءِ پيش ڪري ڇڏي**، جيئن ته فرمايو ويو: ﴿ قَالُوْا حَرِّقُوْهُ وَ انْصُرُوْۤا اٰلِهَتَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِیْنَ(۶۸) قُلْنَا یٰنَارُ كُوْنِیْ بَرْدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰۤى اِبْرٰهِیْمَ(۶۹) ﴾ ترجموڪنزالعرفان: چوڻ لڳا: هن کي ساڙيو ۽ پنهنجي خدائن جي مدد ڪريو جيڪڏهن توهان ڪجهه ڪرڻ وارا آهيو. اسان فرمايو: اي باهه ابراهيم تي ٿڌي ۽ سلامتي واري ٿي وڃ. (پ 17، الانبيآء:68، 69)

پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام پنهنجي سڪيلڌي پياري پٽ

ڪي خدا جي محبت ۾ قرباني جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيو، جيئن تہ فرمايو: ﴿فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْیَ قَالَ یٰبُنَیَّ اِنِّیْۤ اَرٰی فِی الْمَنَامِ اَنِّیْۤ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَا ذَا تَرٰی ؕقَالَ یٰۤاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ٘ ۫ سَتَجِدُنِیْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِیْنَ(۱۰۲)﴾

ترجموڪنزالعرفان: سو جڏهن اهو ان سان گڏ ڪوشش ڪرڻ جي قابل عمرکي پهتو تہ ابراهيم چيس: اي منهنجا پٽ! مون خواب ۾ ڏٺو تہ مان توکي ذبح ڪري رهيو آهيان. هاڻي تون ڏس تہ تنهنجي ڇا راءِ آهي؟ پٽ چيو: اي منهنجا پيءُ! تون اهو ئي ڪر جنهن جو توکي حڪم ڏنو پيو وڃي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عنقريب تون مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندين. (پ 23، الصّٰفّٰت:102)

پوءِ خدا جي محبت ۾، خدا جي حڪم تي پنهنجي اولاد کي جهنگل ۾ ڇڏي ڏنو، جيئن تہ قرآنِ مجيد ۾ آهي: ﴿رَبَّنَاۤ اِنِّیْۤ اَسْكَنْتُ مِنْ ذُرِّیَّتِیْ بِوَادٍ غَیْرِ ذِیْ زَرْعٍ عِنْدَ بَیْتِكَ الْمُحَرَّمِۙ رَبَّنَا لِیُقِیْمُوا الصَّلٰوةَ فَاجْعَلْ اَفْىٕدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهْوِیْۤ اِلَیْهِمْ وَ ارْزُقْهُمْ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ یَشْكُرُوْنَ(۳۷)﴾

ترجموڪنزالعرفان: اي اسان جا رب! مون پنهنجي ڪجهہ اولاد کي تنهنجي عزت واري گهر جي ڀر پاسي ۾ رهايو آهي. جنهن ۾ فصل ناهي ٿيندو اي اسان جا رب! هن جي واسطي تہ جيئن اهي نماز قائم رکن تہ پوءِ تون ماڻهن جون دليون انهن ڏي لاڙي ڇڏ ۽ انهن کي ميون مان رزق عطا ڪر من اهي شڪر گذار ٿي وڃن. (پ 13، ابرٰهيم:37)

بلڪ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي سڄي زندگي ئي خدا جي محبت ۾ وقف ڪري ڇڏي ۽ حقيقت ۾ هن آيت جا مصداق بڻجي ويا. ﴿قُلْ اِنَّ صَلَاتِیْ وَ نُسُكِیْ وَ مَحْیَایَ وَ مَمَاتِیْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ(۱۶۲)﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: بيشڪ منهنجي نماز ۽ منهنجون قربانيون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ سڀ الله جي لاءِ آهي جيڪو سموري جهانن جو رب آهي. (پ 8، الانعام:162) ۽ فرمايائون: ﴿وَالَّذِیْۤ اَطْمَعُ اَنْ یَّغْفِرَ لِیْ خَطِیْٓــٴَـتِیْ یَوْمَ الدِّیْنِ(۸۲)﴾ ترجموڪنزالعرفان: ۽ اهو جنهن سان مون کي اميد آهي تہ قيامت جي ڏينهن منهنجون خطائون بخشي ڇڏيندو. (پ 19، الشعرآء:82)

هن آيت مان معلوم ٿيو تہ ربّ جي بارگاهہ ۾ انهيءَ ڪان اميد رکڻ ۽ اُن جي رضا جو طالب رهڻ بہ ربّ جي محبت جي نشاني آهي.

## آزمائشن ۾ ڪاميابي:

حضرت سيّدنا ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي طرف کان اچڻ واري هر امتحان ۾ ڪامياب رهيا ايستائين جو ربّ ڪريم پاڻ ان جي ڪاميابي جو اعلان فرمايو، جيئن تہ هڪ جڳهہ فرمايائون: ﴿وَ اِذِ ابْتَلٰۤی اِبْرٰهٖمَ رَبُّهٗ بِكَلِمٰتٍ فَاَتَمَّهُنَّ ؕ﴾ ترجموڪنزالعرفان: ۽ ياد ڪيو جڏهن ابراهيم

ڪي ان جي رب ڪجھ ڳالھين جي ذريعي آزمايو تہ ان انھن کي پورو ڪيو. (پ1، البقرة:124) ۽ ھڪ ٻي ھنڌ فرمايائون: ﴿وَاِبْرٰهِیْمَ الَّذِیْ وَفّٰۤی(۳۷)﴾ ترجموڪنزالعرفان: ۽ ابراهيم جي جنھن (احڪام کي) پوري طرح ادا ڪيو.

(پ 27، النجم:37)

۽ ھڪ ھنڌ ان جي تاريخي ڪاميابي کي ھيئن بيان ڪيو: ﴿فَلَمَّاۤ اَسْلَمَا وَ تَلَّهٗ لِلْجَبِیْنِ(۱۰۳) وَ نَادَیْنٰهُ اَنْ یّٰۤاِبْرٰهِیْمُ(۱۰۴) قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْیَا ۚ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِی الْمُحْسِنِیْنَ(۱۰۵) اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْبَلٰٓؤُا الْمُبِیْنُ(۱۰۶) وَ فَدَیْنٰهُ بِذِبْحٍ عَظِیْمٍ(۱۰۷) وَ تَرَكْنَا عَلَیْهِ فِی الْاٰخِرِیْنَ(۱۰۸) سَلٰمٌ عَلٰۤی اِبْرٰهِیْمَ(۱۰۹) كَذٰلِكَ نَجْزِی الْمُحْسِنِیْنَ(۱۱۰) اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِیْنَ(۱۱۱)﴾ ترجموڪنزالعرفان: پوءِ جڏھن انھن ٻنھي (اسان جي حڪم تي) ڪنڌ جھڪايو ۽ پيءُ پٽ کي پيشاني پر ليٽايو (ان وقت جو حال نہ پڇ). ۽ اسان ان کي پڪاريو تہ اي ابراھيم!. بيشڪ تو خواب سچو ڪري ڏيکاريو اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اھڙو ئي صلو ڏيندا آھيون. بيشڪ اھا ضرور ظاھر آزمائش ھئي. ۽ اسان اسماعيل جي فديي ۾ ھڪ وڏو ذبيحو ڏئي ڇڏيو. ۽ اسان بعد وارن ۾ ان جي ساراھ باقي رکي. ابراھيم تي سلام ھجي. اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اھڙو ئي صلو ڏيندا آھيون. بيشڪ اھو اسان جي اعليٰ درجي جي ڪامل ايمان وارن ٻانھن مان آھي. (پ 23، الصّٰفّٰت:103تا 111)

## شڪر:

حضرت سيّدنا ابراھيم عَلَيْهِ السَّلام جي شڪر جي عادت جي گواھي الله پاڪ پاڻ قرآن مجيد ۾ ڏني آھي، جيئن تہ فرمايائون: ﴿شَاكِرًا لِّاَنْعُمِهٖ﴾ ترجموڪنزالعرفان: ان جي احسانن جو شڪر ڪرڻ وارو. (پ 14، النحل:121)

## صبر و حلم ۽ شفقت علي الخلق:

حضرت سيّدنا ابراھيم عَلَيْهِ السَّلام جي صبر جو اظھار تہ سندن ھر امتحان ڪان ٿيندو ۽ قومِ لوط ڪان عذاب ۾ تاخير ڪرڻ تي اصرار جي ڪري پاڻ عَلَيْهِ السَّلام جي حلم ۽ مخلوق تي شفقت جي گواھي بہ قرآن مجيد ڏني آھي، جيئن تہ فرمايائون: ﴿اِنَّ اِبْرٰهِیْمَ لَحَلِیْمٌ اَوَّاهٌ مُّنِیْبٌ(۷۵)﴾ ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ ابراھيم وڏو بردبار، گھڻو آھ وزاري ڪندڙ، رجوع ڪرڻ وارو آھي. (پ 12، ھود:75)

## رجوع الي الله:

ھر معاملي ۾ خدا جي طرف رجوع ڪرڻ ۽ ھرھر الله ڪريم جي طرف رجوع ڪرڻ ۽ ان جي سامھون عاجزي جو اظھار ڪندو رھڻ ۽ ان ڪان دعا ڪندو رھڻ خدا جي پسنديده ٻانھن جي اوصاف مان آھي ۽ حضرت سيّدنا ابراھيم عَلَيْهِ السَّلام جون قرآنِ مجيد ۾ ذڪر ڪيل ڪثير دعائون انھن تمام اُمور جون دليل آھن. پاڻ

بارگاهہ الٰهي ۾ عرض ڪيائون: ﴿وَالَّذِیْۤ اَطْمَعُ اَنْ یَّغْفِرَ لِیْ خَطِیْٓــٴَـتِیْ یَوْمَ الدِّیْنِ(۸۲)﴾ ترجموڪنزالعرفان: ۽ اهو جنهن کان مون کي اميد آهي تہ قيامت جي ڏينهن منهنجون خطائون بخشي ڇڏيندو.
(پ 19، الشعرآء:82)

هڪ هنڌ خدا جي مهربانين ۽ ان جي حضور توجهہ جو هيئن ذڪر فرمايو: ﴿الَّذِیْ خَلَقَنِیْ فَهُوَ یَهْدِیْنِ(۷۸) وَ الَّذِیْ هُوَ یُطْعِمُنِیْ وَ یَسْقِیْنِ(۷۹) وَ اِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ یَشْفِیْنِ(۸۰) وَ الَّذِیْ یُمِیْتُنِیْ ثُمَّ یُحْیِیْنِ(۸۱)﴾ ترجموڪنزالعرفان: جنهن مون کي پيدا ڪيو تہ اهو مون کي هدايت ڏيندو آهي. ۽ اهو مون کي کارائيندو ۽ پيئاريندو آهي. ۽ جڏهن مان بيمار ٿيان تہ اهوئي مون کي شفا ڏيندو آهي. ۽ اهو جيڪو مون کي وفات ڏيندو وري مون کي زندهہ ڪندو.
(پ 19، الشعرآء: 78تا 81)

هڪ جڳهہ تي سڄي دنيا کان منهن ڦيري ڪري ربّ جي طرف رجوع جو هيئن ذڪر ڪيو: ﴿اِنِّیْ وَجَّهْتُ وَجْهِیَ لِلَّذِیْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ حَنِیْفًا وَّ مَاۤ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِیْنَ(۷۹)﴾ ترجموڪنزالعرفان: مون هر باطل کان جدا ٿي ڪري پنهنجو منهن ان جي طرف ڪيو جنهن آسمان ۽ زمين بڻايا ۽ مان مشرڪن مان ناهيان. (پ 7، الانعام:79)

هڪ جڳهہ تي فرمايو: ﴿اِنِّیْ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّیْ سَیَهْدِیْنِ(۹۹)﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ مان پنهنجي ربّ جي طرف وڃڻ وارو آهيان، هاڻي هُو مون کي راهہ ڏيکاريندو.
(پ 23، الصّٰفّٰت:99)

ڪامل الايمان، بلند همت، صابر ۽ شاڪر، بردبار ۽ منيب حضرت سيّدنا ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي زندگي جي ڪجهہ پهلوئن تي ڪلام ڪيو ويو آهي. هي سيئي وصف اسان کي عملي طور اپنائڻ جي ضرورت آهي، ڇوتہ سندن حيات طيبہ ۾ اسان جي لاءِ بهترين رهنمائي ۽ نور هدايت موجود آهي، اللّٰه پاڪ سندن سيرت جي خوبي کي بيان ڪندي ارشاد فرمايو: ﴿قَدْ كَانَتْ لَكُمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِیْۤ اِبْرٰهِیْمَ وَ الَّذِیْنَ مَعَهٗ ۚ﴾ ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ ابراهيم ۽ ان جي ساٿين ۾ توهان جي لاءِ بهترين پيروي هئي.
(پ 28، الممتحنۃ: 4)

اَڄ اسان کي پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي اطاعت ڪندي پنهنجي وجود ۾ خدا سان محبت، مخلوق تي شفقت، خدا جي طرف ڪثرت کان رجوع، آزمائشن ۽ تڪليفن تي صبر، ۽ رضاءِ الٰهي جي طلب، هر حال ۾ حق گوئي ۽ ايمان ڪامل کان پنهنجي دل کي منور ڪرڻ جي حاجت آهي. اللّٰه پاڪ اسان کي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو فيضان نصيب فرمائي. آمين



ننڍي عُمر وارا صحابهءِ ڪرام

# حضرت عبدُ الله بن حنظله رَضِیَ اللهُ عَنْهُما

مولانا اويس يامين عطاري مدني

الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ جن خوش نصيب ٻارن حاضري ڏني انهن ۾ حضرت عبدُ الله بہ حنظلہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُما بہ شامل آهن، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه جي ولادت 4 هجري ۾ مديني پاڪ ۾ ٿي، رسولِ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري وصال جي وقت پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه 7 سال جا هئا، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه حضورِ اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان حديثون بہ روايت ڪيون آهن، سندن شمار ننڍين صحابَن ۾ ٿيندو آهي.[1]

والدِ ماجد جو تمام وڏو مرتبو پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه غَسِيلُ الملائڪ حضرتِ حنظلہ رَضِیَ اللهُ عَنْه جا لختِ جگر آهن جيڪي شوال 3 هجري غزوهءِ اُحد ۾ شهيد ٿيا ۽ ملائڪن انهن کي غسل ڏنو هو. ٿيو هيئن جو حضرت حنظلہ رَضِیَ اللهُ عَنْه جنگِ اُحد واري رات پنهنجي گهرواري وٽ هئا، سندن کي غسل جي حاجت هئي پر جڏهن جنگ جي لاءِ سڏيو ويو تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه انهيءَ حالت ۾ جنگ ۾ شريڪ ٿي ڪري شهيد ٿي ويا، سندن جهاد جي جذبي ۽ رسولِ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمان تي فوراً لبيڪ چوڻ تي کين هي فضيلت ملي جو شهادت کان بعد ملائڪن کين غسل ڏنو، هيئن "غسيلُ الملائڪ" جو لقب مليو ۽ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه کان بعد سندن اولاد کي بہ بنو غسيلُ الملائڪ چيو وڃڻ لڳو.[2]

رسولِ ڪريم کي ڏاچيءَ تي طواف ڪندي ڏٺائون حضرت عبدُ الله بن حنظلہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُما ننڍپڻ جي جنهن لمحن ۾ رسولِ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪئي يا صحبت ماڻي انهن لمحن کي سندن دل ۽ دماغ محفوظ ڪري ورتو هو جيئن تہ هڪ يادگار واقعو بيان ڪندي پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مون نبي پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏاچيءَ تي طواف ڪندي ڏٺو آهي، ان وقت نہ ڪنهن کي ماريو ويو، نہ ڌِڪو ڏنو ويو ۽ نہ ئي "هٽي وڃ، هٽي وڃ" جا آواز هئا.[3]

بارگاهِ فاروقي ۾ عبدُ الله بن حنظله جو مقام حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُما چون ٿا تہ هڪ ڀيري فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه جي بارگاهه ۾ ڪجهه ڪپڙا آندا ويا، حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه انهن کي ماڻهن ۾ ورهائڻ شروع ڪيو، ورهائڻ جي دوران هڪ نهايت ئي صاف ۽ قيمتي ڪپڙو سامهون آيو تہ حضرت عُمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْه جن اهو ڪپڙو پنهنجي رانَ هيٺان رکي ڇڏيو (۽ ڪنهن کي بہ نہ ڏنائون)، حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُما چون ٿا تہ ورهائڻ ۾ جڏهن منهنجو نالو ورتو ويو تہ مون چيو: اوهان مونکي اهو ئي ڪپڙو ڏيو، ان تي حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْه جن فرمايو: الله جو قسم! مان هي ڪپڙو ان

شخص کي ڏيندُس جيڪو توهان کان بهتر آهي ۽ ان جو پيءُ توهان جي پيءُ کان بهتر آهي، پوءِ حضرت فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ حضرت عبدُ الله بن حنظلہ رضی اللہ عنہما کي گهرايو ۽ اهو قيمتي ڪپڙو انهن کي پارايو.[4]

شهادت پاڻ رضی اللہ عنہ 59 سال جي عُمر ۾ واقعهءِ حَره 27 ذُو الحجةُ الحرام 63ھ اربع جي ڏينهن مديني پاڪ ۾ شهادت ماڻي.[5]

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1. الاصابہ فی تمیز الصحابہ، 4/58
2. دیکھئے: شرح الزرقانی علی المواہب، 2/408، 409-تاریخ ابن عساکر، 27/422-طبقات ابن سعد، 5/49
3. کنز العمال، جز5، 3/66، رقم:12493
4. مصنف ابن ابی شیبہ، 17/244، رقم:32990
5. دیکھئے: تاریخ ابن عساکر، 27/432-الاصابہ فی تمیز الصحابہ، 4/58



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

## بنا وضو جي اذان چوڻ

سوال: ڇا اَذان جي لاءِ باوضو هجڻ ضروري آهي؟

جواب: بهارِ شريعت ۾ آهي: بنا وضو جي اذان صحيح آهي پر بنا وضو جي اذان چوڻ مَڪروه آهي. (بهار شريعت، 466/1) يعني مڪروهِ تنزيهي ۽ ناپسنديده آهي تنهنڪري جڏهن به اَذان ڏيڻي هجي ته باوضو هجڻ بهتر آهي. ٻار جي ڪَنَ ۾ به باوضو اَذان ڏيو.

(مدنی مذاکرہ، 1ربیع الاول شریف 1442ھ)

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري کي هي چوڻ ڪيئن؟ "ته الله مالڪ آهي؟"

سوال: ڪڏهن ڪڏهن اسان ڪنهن کي نماز يا نيڪي جي دعوت ڏيندا آهيون ته هو جواب ڏيندو آهي ته "الله مالڪ آهي"، ڇا هن طرح جواب ڏيڻ درست آهي؟

جواب: ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو ٽارڻ جي لاءِ به ائين چئي ڇڏيندا آهن. البت هي حقيقت آهي ته الله مالڪ آهي. هاڻي چوڻ واري کهڙي نيت سان چيو آهي؟ هي خدا بهتر ڄاڻي ٿو. "نماز پڙهو نه پڙهو الله بخشي ڇڏيندو، الله پاڪ مالڪ آهي" هن جو ڪجھ به مطلب ٿي سگهي ٿو پر جيستائين ڳالھ واضح نه هجي ان وقت تائين چوڻ واري تي حڪم نه ٿو لڳائي سگهجي. بهرحال جيڪي ماڻهو ٽارڻ جي لاءِ ائين چئي ڇڏيندا آهن اهي ائين نه ڪن بلڪ نماز پڙهن جو هيءَ ڪنهن کي به معاف نه آهي. (مدنی مذاکرہ، 3ربیع الاول شریف 1442ھ)

## مڙس جي ڀاٽيجن کان پردو ڪرڻ جو مسئلو

سوال: ڇا مڙس جي ڀاٽيجن کان به پردو لازم آهي؟

جواب: جيڪڏهن ڀاٽيجا بالغ هجن ته انهن کان به پردو ڪرڻ ضروري آهي، البت! ننڍا ٻار ڪنهن جا به هجن انهن کان پردي جو حڪم ناهي، پر اڄڪلھ جوان کي به ٻار چيو ويندو آهي هي درست نه آهي.

## جگنو کي قيد ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: ڪجھ ٻار راند ڪيڏڻ جي لاءِ جگنو کي قيد ڪري ڇڏيندا آهن ڇا هي ظلم آهي؟

جواب: جھڙي طرح ٻارڪيڏڻ جي لاءِ قيد ڪندا آھن انھن جي غذا جو خيال ناھي ھوندو، جنھن جي وجھ سان جگنو مري ويندا آھن ھن طرح جگنو کي قيد ڪرڻ ظلم آھي، مون ننڍپڻ ۾ ھي ڏٺو ھو تہ ٻار ماڪڙ جي منڍيءَ ۾ ڌاڳو ٻڌي ڪري اڏرائيندا ھئا جنھن سبب اھا تڙپندي ھئي ۽ ٻارن کي مزو ايندو ھو ۽ ڪجھ وڏا ٻار ان جي ٽنگَ ۾ ڏوري ٻڌي ڪري زور سان ڇڪيندا بہ ھئا جنھن سبب ان جي ٽنگَ ٽُٽي پوندي ھئي. اڄ بہ ڪجھ ٻار پوپٽ کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندا آھن، حالانڪ ھي تمام گھڻو نازڪ ھوندو آھي ان کي بہ نہ پڪڙڻ گھرجي، اھڙيءَ طرح انبن جي موسم ۾ سائي رنگ جون وڏيون مکيون اينديون آھن جيڪي عام مکين کان مختلف ھونديون آھن، ڪجھ ٻار ان ۾ سنھو تيلو ھڻي ڇڏيندا آھن جنھن جي وجھ سان اھا تورو اڏامي ڪَري ڪِري پوندي آھي، اھڙيءَ طرح ڪجھ ٻار پرَن وارن بنا نقصان وارن ڪيڙن ۽ نقصان نہ پھچائيندڙ ڪِولين کي ماريندا آھن ۽ ٻليءَ جي ٻچن جو پڇُ پڪڙي ڪري اڇلائيندا آھن ھي سڀ ظلم جون صورتون آھن، ٻارن کي ھي ڳالھ سمجھائڻ گھرجي تہ جانورن تي ظلم نہ ڪرڻ گھرجي، بلڪ رحم ڪرڻ گھرجي.

## گھر جو نالو ”دارُ السّلام“ رکڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا گھر جو نالو ”دارُ السّلام“ رکي سگھون ٿا؟

جواب: گھر جو نالو ”دارُ السّلام“ رکڻ ۾ ڪو حرج معلوم نہ ٿو ٿئي. ”دارُ السّلام“ جو مطلب آھي: سلامتي جو گھر. افريقہ جو ھڪ مُلڪ ”تنزانيہ“ آھي، ان ۾ ھڪ مشھور شھر آھي جنھن کي ”دارِ سلام (Dar es Salaam)“ چيو ويندو آھي. اھڙيءَ طرح پاڪستان جي شھر ٽوبہ ٽيڪ سنگھ کي بہ دارُ السّلام چيو ويندو آھي.

(مدنی مذاکرہ، 2صفر شریف 1442ھ)

## آفيس ۾ پنھنجي لاءِ چانھ بڻائڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا آفيس ۾ چانھ جو ڪم ڪرڻ وارا پنھنجي لاءِ چانھ بڻائي سگھن ٿا؟

جواب: جيڪڏھن مالڪ پنھنجي ۽ مھمانن جي چانھ بڻائڻ جي لاءِ رکيو آھي تہ مالڪ جي اجازت جي بغير نہ ٿو بڻائي سگھي ۽ جيڪڏھن مالڪ اجازت ڏئي ڇڏي آھي تہ بڻائي سگھي ٿو.

(مدنی مذاکرہ، 8ربیع الاول شریف 1442ھ)

## مور جو گوشت کائڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا مور جو گوشت کائي سگھون ٿا؟ ۽ ڇا توھان مور جو گوشت کاڌو آھي؟

جواب: جي ھا! مور حلال پکي آھي، ان جو گوشت کائي سگھون ٿا. (فتاویٰ عالمگیری، 290/5) ۽ الحمد للہ مون مور جو گوشت کاڌو آھي.

## نماز جي دوران وات ۾ ڪَڙو پاڻي اچي وڃي تہ؟

سوال: جيڪڏھن نماز جي دوران نمازي

جي وات ۾ ڪڙو پاڻي اچي وڃي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: ڪڏهن ڪڏهن تيزابيت جي ڪري گَتا ڏهڪار ۾ ڪڙو پاڻي وات ۾ اچي ويندو آهي، نماز جي دوران وات ۾ ڪڙو پاڻي اچي وڃي ته ان کي نِڙي ۾ هيٺ لاهي سگهجي ٿو، هن ۾ ڪو حرج نه آهي.

(مدنی مذاکرہ، 9ربیع الاول شریف 1442ھ)

## ڇا ڊرائيونگ ڪندي تلاوت يا نعت شريف ٻڌي سگهون ٿا؟

سوال: ڇا ڊرائيونگ ڪندي ريڪارڊ ٿيل تلاوت يا نعت شريف ٻڌي سگهون ٿا ۽ هن جو ثواب ملندو؟

جواب: جي ها ٻڌي سگهون ٿا ۽ هن جو ثواب به ملندو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!(البت ٽريفڪ قانونن جو خيال رکيو وڃي).

(مدنی مذاکرہ، 1ربیعُ الاول شریف 1442ھ)

## مسجد جي صفائي جي دوران ڪِوليون اچي وڃن ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟

سوال: مسجد جي صفائي جي دوران ڪِوليون اچي وڃن ته؟

جواب: جيڪڏهن مسجد يا گهر وغيره جي صفائي ڪندي ڪِوليون اچي وڃن ته صفائي ڪندي محتاط طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي جنهن سان ڪِولين کي تڪليف نه پهچي. جيڪڏهن ڪِوليون مسجد جي فراسيءَ وغيره تي آهن ته ان کي لوڏيو جنهن سان ڪِوليون وڃڻ شروع ڪن، ان وقت تائين ڪنهن ٻيءَ جڳهه جي صفائي ڪئي وڃي. ڪجهه ماڻهو صفائي ۾ بي احتياطي ڪندا آهن جنهن جي وجهه سان ڪيئي ڪِوليون زخمي ٿي وينديون بلڪه مري به وينديون آهن. ڪِولين جو هڪ پنهنجو نظام هوندو آهي، هي سڀ هڪ قطار ۾ هلنديون آهن، جيڪڏهن ڪو هنن جي قطار ٽوڙي ڇڏي ته هي ٻيهر قطار ٺاهي وٺنديون آهن، هنن ۾ هڪ راڻي هوندي آهي جيڪڏهن هن راڻي کي ڪير ماري ڇڏي ته هي پنهنجي قطار ٽُوڙي ڇڏينديون آهن.

(مدنی مذاکرہ، 9ربیع الاول شریف 1442ھ)




### (1) آن لائن شاپنگ ڪرڻ وقت ڪارڊ پيمنٽ ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ دين ۽ مُفتيانِ شرع متين هن باري ۾ ته مختلف ڪمپنيز کان آئن لائن سامان گهرائڻ جي لاءِ سامان آرڊر ڪرڻ وقت ئي ڪارڊ پيمنٽ ڪئي ويندي آهي يعني سامان جي قيمت پهريان ئي ادا ڪئي ويندي آهي ۽ سامان بعد ۾ ٻئين ٽئين يا چوٿين ڏينهن ڪسٽمر تائين پهچندو آهي ڇا سامان ڪسٽمر تائين پهچڻ کان پهريان ئي ڪارڊ پيمنٽ ڪرڻ جائز آهي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَ الصَّوَابِ

پڇي ويل صورت ۾ ڪارڊ جي ذريعي قيمت جي ادائيگي پهريان ڪري ڇڏڻ جائز آهي، ان ۾ ڪو حرج ناهي، ڇو جو جڏهن مبيع و ثمن (سامان ۽ قيمت) جي مقدار وغيره جو تعين ٿي وڃي (يعني جيڪا شيءِ ڪپائي پئي وڃي ان جي مڪمل وضاحت ڪئي وئي آهي ته اهڙي قِسم جي هوندي ۽ جنهن قيمت تي خريد ڪئي وئي اها به مقرر آهي) ۽ ٻيا بيع (وڪرو) جا تمام شرائط لذا وجن ته ان کان بعد صرف مبيع (سامان) تي قبضو نه ڪرڻ جي وجهه سان بيع فاسد قرار نه ڏني ويندي، ڇو جو بيع جي صحيح هجڻ جي لاءِ مبيع تي قبضو ڪرڻ شرط ناهي، بلڪ بيع ته صرف ايجاب و قبول يا ان جي قائم مقام تعاطي وغيره جي ذريعي منعقد ٿي ويندي آهي، البت هن طرح جي منقولي (Movable) شيءِ تي بنا قبضو ڪرڻ جي اڳتي ڪپائڻ جائز نه آهي ڇو جو اڳتي ڪپائڻ جي لاءِ ان شيءِ تي قبضو ضروري آهي.

ياد رکو ته هي بيع سلم نه آهي، مطلق آهي، ڇو جو بيع مطلق ۾ سامان جو موجود هجڻ ضروري آهي، ۽ هتي ائين ٿيندو آهي ته سامان في الحال موجود هوندو آهي ها هي آهي ته ادائيگي پهريان ڪئي وئي آهي ۽ سامان تي في الحال قبضو نه آهي ۽ هي بيع مطلق جي منافي نه آهي. اهڙيءَ طرح بيع

پاڻي پيارڻ سان گناهه معاف ٿيندا آهن، جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”حدثنا انس بن مالك قال: قال رسول الله صلى الله عليه وسلم: اذا كثرت ذنوبك فاسق الماء على الماء تتناثر كما يتناثر الورق من الشجر فی الريح العاصف“ ترجمو: حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جڏهن تنهنجا گناهہ گهڻا ٿي وڃن، تہ پاڻي مٿان پاڻي پياريو، گناهہ ڇڻي ويندا جيئن جَهڪَ ۾ وڻ جا پنَ ڇڻندا آهن.

(تاريخ بغداد، 403/6)

سبيل لڳائڻ ۾ ايصال ثواب جي نيت هجي، جيئن تہ فتاويٰ رضويہ ۾ آهي: نيت ايصالِ ثواب جي هجي ۽ ريا وغيره داخل نہ هجي، هن (يعني پاڻي پيارڻ) جي جائز هجڻ ۾ ڪو شبهو نہ آهي. شربت ناهيو ۽ عرض ڪيو تہ الٰهي! هي شربت ترويج روح حضرت امام (يعني حضرت امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي روح کي راحت پهچائڻ) جي لاءِ ڪيو آهي، هن جو ثواب انهن کي پهچاءِ ۽ گڏوگڏ فاتحہ وغيره بہ پڙهو، تہ اجان افضل. پوءِ مسلمانن کي پياريو. (فتاويٰ رضويہ، 601/9)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

### (3) وارن جي پي آر پي ڪرائڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماء دين ۽ مُفتيان شرع متين هن باري ۾ تہ ڇا وارن جي لاءِ پي آر پي ڪرائي سگهون ٿا، هن ۾ ٿيندو هي آهي تہ جسم مان رت ڪڍي ڪري ان مان پلازما الگ ڪيو ويندو آهي پوءِ اهو سرنج جي ذريعي وارن جي پاڙ ۾ پهچايو ويندو آهي. جنهن سان نوڙهائپ ختم ٿيندي آهي ۽ وار ڦٽندا آهن؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَ الصَّوَابِ

PRP : انساني رت جي ذريعي علاج جي شرعي طور تي اجازت نہ آهي ڇو جو انسان جو رت جسم کان جُدا ٿيڻ کان بعد نجاستِ غليظہ ۽ حرام هوند آهي ۽ ناپاڪ ۽ حرام شيءِ کي علاج ۽ معالجي لاءِ استعمال ڪرڻ جائز نہ آهي، الله پاڪ حرام ۽ ناپاڪ شيءِ ۾ شفا ناهي رکي، اهڙيءَ طرح انساني جُز مان فائدو حاصل ڪرڻ جي شريعت ان ڪري بہ اجازت ناهي ڏني تہ الله پاڪ انسان کي مُڪرم ۽ مُحترم بڻايو آهي ۽ ان جي جُز جي ذريعي علاج ڪرڻ ان جي تڪريم جي خلاف آهي، جيتوڻيڪ اهو جُز انهيءَ مَريض جو ئي ڇونہ هجي، ڇو جو ان جو استعمال ان جي تڪريم جي خلاف آهي ۽ پڇيل صورت ۾ تہ هي جُز ناپاڪ بہ آهي.

البت اهڙي حالت هجي جو ان کان علاوه ٻيو ڪو علاج نہ هجي ۽ اهڙن ڊاڪٽرن جيڪي فاسقِ معلن نہ هجن ۽ اهي ظنِ غالب جي طور تي ٻڌائين تہ هن کان علاوه وارن جو ڪو ٻيو علاج نہ آهي تہ

مطلق ۾ پوري قيمت تي في الحال قبضو ڪرڻ ضروري نہ آهي، جڏهن تہ بيع سلم جي صورتحال هن کان تمام مختلف آهي ڇو جو بيع سلم جا ڪجهہ مخصوص شرائط آهن جن جي بغير اها منعقد ئي نہ آهي ٿيندي، جنهن جي ڪافي تفصيل بهارِ شريعت حصي 11 بيعِ سلم جي بيان ۾ آهي، انهن مان هڪ شرط مڪمل قيمت في الحال وڪرو ڪندڙ کي ڏئي ڇڏڻ ۽ وڪرو ڪندڙ جو ان تي قبضو ڪري وٺڻ ان جي بغير بيع سلم. فاسد ٿي ويندي آهي، اهڙيءَ طرح بيع سلم ۾ في الحال سامان موجود نہ آهي هوندو.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلّم

## (2) 9، 10 مُحرمُ الحرام تي پاڻي جي سبيل لڳائڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ دين ۽ مُفتيانِ شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ تہ اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ شخص چيو 9، 10 محرمُ الحرام جو پاڻي جي سبيل لڳائڻ جائز نہ آهي، توهان جي بارگاهہ ۾ عرض آهي تہ اسان کي هن باري ۾ رُهنمائي عطا فرمايو تہ ڇا 9، 10 محرمُ الحرام جو پاڻي جي سبيل لڳائڻ جائز آهي يا نہ؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

9، يا 10 محرمُ الحرام جو خالص الله پاڪ جي رضا ۽ شهيدانِ ڪربلا رَضِیَ اللہُ عَنۡهم جي روحن کي ثواب پهچائڻ جي نيت سان مسلمانن جي لاءِ پاڻي جي سبيل لڳائڻ بنا شڪ جي جائز، مُستحب ۽ ثواب جو ڪم آهي، حديثِ پاڪ ۾ پاڻي کي افضل صدقو چيو ويو آهي، ۽ پاڻي پيارڻ سان گناهہ معاف ٿيندا آهن.

پاڻي افضل صدقو آهي، جيئن تہ سنن ابو دائود ۾ آهي: ”عن سعد بن عبادة انه قال: يا رسول الله، ان ام سعد ماتت، فاى الصدقة افضل؟ قال: الماء، قال: فحفر بئرا، وقال: هذه لام سعد“ ترجمو: حضرت سعد بن عباده رَضِیَ اللہُ عَنۡه کان مروي آهي تہ انهن عرض ڪيو يا رسول الله! اُمِ سعد (منهنجي ماءُ) انتقال ڪري وئي آهي تہ ڪهڙو صدقو انهن جي لاءِ بهتر آهي؟ فرمايائون ”پاڻي“ تہ انهن کوهہ کوٽايو ۽ چيائون هي کوهہ سعد جي ماءُ جي لاءِ آهي.(سنن ابو داؤد، 130/2)

مٿي ذڪر ڪيل حديث جي متعلق مرآة المناجيح ۾ آهي: ڪجهہ ماڻهو سبيلون لڳائيندا آهن، عام ماڻهو ختم شريف فاتحہ وغير ۾ بين شين سان گڏ پاڻي بہ رکي ڇڏيندا آهن، انهن سيني جو ماخذ هي حديث آهي، ڇو جو هن مان معلوم ٿيو تہ پاڻي جي خيرات بهتر آهي.“ (مرآة المناجيح، 138/3)

# سڀ کان افضل نسب وارا

پيارا اسلامي ڀائرو! اولادِ مصطفيٰ جو ڪيڏو شان نرالو آهي، هي اهي بلند مرتبي واريون هستيون آهن جن جي نسب جهڙو نسب دنيا ۾ ڪٿي بہ نہ آهي. صحابي رسول حضرت عبدالله بن عباس رضی اللہ عنہما کان روايت آهي تہ: شان واري رسول، مڪي مدني سلطان صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جن فرمايو: الله پاڪ مخلوق کي 2 قسمن ۾ ورهايو، پوءِ مون کي ان مان افضل قسم ۾ رکيائين، پوءِ انهن 2 قسمن کي 3 قسمن ۾ ورهايائين، پوءِ مون کي انهن 3 مان سڀ کان افضل ۽ بهترين قسم ۾ رکيائين، پوءِ ان 3 قسمن جا قبيلا ٺاهيائين تہ مونکي سڀ کا افضل ۽ اعلیٰ قبيلي ۾ رکيائين، ان کان پوءِ قبيلن کي خاندانن ۾ ورهايائين، پوءِ مون کي افضل ۽ بهترين خاندان ۾ رکيائين،

جيئن الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّمَا یُرِیْدُ اللّٰهُ لِیُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَیْتِ وَ یُطَهِّرَكُمْ تَطْهِیْرًا ﴿۳۳﴾

ترجمو کنزُ العرفان: اي نبيءَ جا گهروارؤ! الله تہ اهو ئي چاهي ٿو تہ توهان کان هر ناپاڪي دور ڪري ۽ توهان کي پاڪ ڪري خوب صاف سٿرو ڪري.

